# وحشي جيوتَ جا نشان

[هاورڊ موئر جي Savage Survivals جو سنڌي ترجمو]

از

محمد ابراهيم جويو

سنڌي ادبي بورڊ

| | | |
|---|---|---|
| ڇاپو پهريون | ١٩٧٦ع | تعداد ٻه هزار |
| ڇاپو ٻيو | ١٩٩٤ع | تعداد ٻه هزار |


[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا محفوظ]

**قيمت: پنجاهه رپيا**

**Price: Rs. 50-00**


ملڻ جو هنڌ.

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ.

هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شورو سنڌ ۾ مئنيجر جاويد مرزا ڇپيو ۽ شمشيرالحيدري، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# مضمونن جي فهرست

مترجم جو پيش لفظ ١-٨ (الف)

باب پهريون — پاليل جانورن جو اصل نسل ٩-٣٩

١- پنجن سبقن جو هڪ ننڍو نصاب ٩

٢- پاليل ۽ جهنگلي جانور ٩

٣- ڪتو ١٣

٤- ٻلي ١٨

٥- گهوڙو ١٩

٦- گڏهه ۽ خچر ٢٠

٧- مال [ڳالو ۽ ماهيو] ٢٣

٨- رڍون ۽ ٻڪريون ٢٤

٩- سوئر ٢٤

١٠- وڏو هرڻ ٢٥

١١- اٺ ٢٦

١٢- هاٿي ٢٩

١٣- پاليل پکي ٣٣

١٤- پاليل جيت ٣٦

١٥- اختصار ۽ نتيجو ٣٨

باب ٻيو — پاليل جانورن ۾ وحشي جيوت جا نشان ٤٠-٨٨

١- زندگيءَ جي ڪشمڪش ٤٠

٢- زائد عضوا ٤٣

٣- زائد جبلتون ٥٤

٤- ڪتن ۾ وحشي جيوت جا نشان ٥٦

٥- ٻليءَ ۾ وحشي جيوت جا نشان ٦٠

٦- ماءُ واري جبلت ٦٣

٧- ماءُ جو پيار ٦٧

٨- اڳوان جو نقل ٧١

٩- قدرت جو سکيا گهر ٧٣
١٠- آسماني ٻار ٧٥
١١- ڪڪڙن جون عادتون ٧٩
١٢- اڇا معجزا ڏيندا ٨١
١٣- ڪنين وارا جبل واسي ٨٣
١٤- سوئرن ۽ وحشي جيوت جا اشان ٨٥
١٥- ٻيون زائد جبلتون ٨٧
باب ٽيون — هيٺين سطح جي ماڻهن (قومن) جو حسب نسب ٨٩-١٢٧
١- سبق جو مقصد ٨٩
٢- انگريز ڪٿان آيا ٩٠
٣- ٻيون لمون قومون ٩٢
٤- انسان ذات جو ڀينگهو ٩٣
٥- جاگرافيءَ جون ڦيرڦيون گهربون ٩٤
٦- ماڻهو ڪيترو پوڙهو آهي ٩٧
٧- انسان ذات جو پکڙڻ ٩٨
٨- ٻهريان ماڻهو ١٠١
٩- ڌار ڌار نسل ڪيئن پيدا ٿيا ١٠٢
١٠- صغير لسل ۽ وڏي وڏا ٿيل لسل ١٠٣
١١- انسان ذات جي اوسر جا دور ١٠٤
١٢- وحشي ماڻهن جا ڏندا ١٠٩
١٣- وحشي ماڻهن جي طبيعت ١١١
١٤- وحشي ماڻهن جي سمجهه ١١٥
١٥- وحشي ماڻهن جا اخلاقي خيال ١٢١
باب چوٿون — هيٺين سطح جي ماڻهن ۾ وحشي جيوت جا باقي نشان ١٢٨-١٧٢
١- هن سبق جو مقصد ١٢٨
٢- جبلتون ١٣٢

٣- عاد تون ١٣٤
٤- ڪارائتيون ۽ زائد جبلتون ١٣٧
٥- ماڻهوءَ جون زائد جبلتون ١٤١
٦- ڊپ جي جبلت ١٤٦
٧- ڊپ جا باقي نشان ١٤٩
٨- ويڙهه جي جبلت ١٥٣
٩- شڪار جي جبلت ١٦٢
١٠- قبيلائي جبلت ١٦٧

باب ڇهون — مٿينءَ سطح جي ماڻهن ۾ وحشي جيوت جا باقي نشان (هلندڙ) ١٧٣-٢٢٤

١- راند جي جبلت ١٧٣
٢- نقل ڪرڻ جي جبلت ١٧٧
٣- مستيءَ جي جبلت ١٨٢
٤- بدلي جي جبلت ١٨٨
٥- خود غرضيءَ جي جبلت ١٩٥
٦- ٻيون زائد جبلتون ١٩٧
٧- ڪي ٻيون جبلتون ٢٠٢
٨- زائد رواج ۽ ادارا ٢١٥

# تصويرن جي فهرست


١- ٻگھڙ سان مشابهت رکندڙ اسڪيمو ڪتو ١٤
٢- هڪ لي خالدان سنجهان- گدڙ، ٻگھڙ ۽ چراخ ١٧
٣- اسان جو هاڻوڪو گھوڙو ۽ سندس هڪ ابو- ڏاڏو ١٩
٤- آفريڪي ٻفلو (مينهن) ٢٢
٥- اٺ جو ڪرلڳهو سڌو آهي ٢٦
٦- هاٿي ٻنڊ ڪٿي رهيو آهي ٣٠
٧- جهنگلي ڪڪڙ (ار) ٣٣
٨- زندگيءَ لاءِ ڪشمڪش ٤١
٩- ماڻهوءَ، ٻالدر ۽ ڪتي جو زانه آلبو ٤٥
١٠- گرين لنڊ جو ميسر ۽ ان جو هڏالون ٻچڙو، ٤٧
جنهن ۾ ان جون ٻوٻون زائد چنگهون ڏيکاريل آهن.
١١- ڳئون جا زائد ڪر ٤٨
١٢- ”لروهال“ ميسر ٥١
١٣- ريڊار ڪتو ٥٧
١٤- آڙي آنن کي ڍڪي ٻيٺي ٦٤
١٥- ڪرٽ- ٻنائين مڇيءَ جو نر آلن کي ڪالٽس ٻچالي ٿو. ٦٩
١٦- ٻڪريون اصل جابلو چوٽين جون رهندڙ آهن ٧٥
١٧- ماڻهو ڪڏهن جهنگلي حيوان هو ٨٩
١٨- ليندرٿال ”ماڻهو“ ٩٨
١٩- ماڻهن جي ٻکيڙ ١٠٠
٢٠- لئين و بائل ڳئون- اشرٻل ۽ غضبناڪ ١٣٨
٢١- ڊپ ١٥٠

٢٢- شڪار - اڪي ۽ هاٿي ١٦٤

٢٣- ڪهڙو ڪري انساني رانديون جهيڙي جون يا
وڏڙهه جون رانديون آهن ١٧٤

٢٤- مست وحشي ١٨٤

٢٥- ادلو ١٩٣

٢٦- ساهوارن لاءِ مالڪيءَ جو پيار ٢١١

٢٧- ٻل مانسائيءَ جو جذبو ٢١٣

ڪيو اٿم. آءٌ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن محترم جناب مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ" صاحب جن جو ۽ بورڊ جي ٻين معزز ميمبر صاحبن جو ۽ پنهنجي عزيز دوست ۽ ساٿيءَ بورڊ جي لائق سيڪريٽريءَ محترم غلام رباني صاحب جو بيحد ٿورائتو آهيان، جن هن جڳ مشهور ڪتاب جي هن سنڌي ترجمي جي اشاعت جو اهتمام ڪرڻ فرمايو.

ترجمي ۾ ڪٿي ڪٿي سمجهاڻيءَ جا ڪي مختصر نوٽ به ڏنا اٿم، جن کي ڪتاب جي اصل متن کان الڳ ڏيکارڻ لاءِ وڏين ڏنگين ۾ رکيو اٿم.

منهنجو ارادو هن ڪتاب جي موضوع سان تعلق رکندڙ ٻئي ڪتاب The Rational Good جي ترجمي ڪرڻ جو به آهي، جنهن جو ذڪر مٿي ڪري آيو آهيان -- جي موقعو مليو ۽ طاقت ساري سگهيس ته اميد ته اهو ڪتاب به ڪنهن طرح پنهنجن لائق سنڌي پڙهندڙ ڀائرن جي اڳيان پيش ڪندس.

حيدرآباد سنڌ — محمد ابراهيم جويو

٢ سپٽمبر، ١٩٧٦ع

# باب پهريون

## پاليل جانورن جو اصل نسل

### ١- پنجن سبقن جو هڪ ننڍو نصاب

هيءَ ڪتاب پنجن سبقن جو هڪ ننڍو اخلاقي تعليم جو نصاب آهي. آن جو پهريون سبق، جنهن ۾ "پاليل جانورن جو اصل نسل" سمجهايو ويو آهي، ٻئي سبق لاءِ تياريءَ جو سبق آهي. ٻيو ۽ ٽيون سبق وري نصاب جي آخري ٻن سبقن، چوٿين ۽ پنجين، لاءِ تياريءَ جا سبق آهن، جن ۾ "ٽئين سطح جي ماڻهن ۾ وحشي جيوت جا نشان" سمجهايا ويا آهن.

پهرين ٽن سبقن ۾ ڪابه سڌي اخلاقي تعليم ڏنل نه آهي. اهي ٽي سبق رڳو چوٿين سبق ۽ پنجين سبق ۾ آيل اخلاقي ڳالهين کي آسانيءَ سان سمجهڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا.

پهريائين اسان کي ڏسڻو آهي ته اڄوڪن پاليل يا گهريلو جانورن ۾ سندن جهنگلي جيوت جا باقي ڪهڙا نشان موجود آهن. آن ڪان پوءِ خود انسانن ۾ ان جيوت جا نشان معلوم ڪري سگهنداسين. پر گهريلو جانورن ۾ اهي 'باقيات' معلوم ڪري سگهون، ان ڪان اڳ اسان کي ڄاڻڻ گهرجي ته پاليل جانور ڪنهن زماني ۾ وحشي جيوت گذاريندا هئا. تنهنڪري سڀ ڪان اول اسان کي معلوم ڪرڻ کپي ته اهي وحشي جيوت هو ڪيئن ۽ ڪهڙين حالتن ۾ گذاريندا هئا.

### ٢- پاليل ۽ جهنگلي جانور

سڀ پاليل جانور جهنگلي جانورن جو اولاد آهن. انسان خود ڪنهن وقت هڪ جهنگلي جانور هو. گهريلو جانور ٿيڻ سان هن گهر،



بگهڙ سان مشابهت رکندڙ اسڪيمو ڪتو

"اسڪيمو ڪتا" وري پنهنجي ساخت ۾ بگهڙن کان ٿورڙو ئي مختلف آهن. هنن جي شڪل شبيهه ۽ جهنگلي طبع بلڪل بگهڙن جهڙي ئي آهي. بگهڙن وانگر سندن ڪن هميشه کڙا رهندا آهن ۽ انهن جا آواز معمولي ڪتن جي ڀونڪ وانگر نه بلڪ هوبهو بگهڙن جي اونائڻ وانگر آهن. جهنگلي ڪتا عام طور اونائڻ ڪندا آهن، پر گهريلو ڪتا ڀونڪندا آهن.

اسڪاٽلنڊ جي مائرين ۾، جتي ودون عام جام پالجن ٿيون، اتي "ڪولي ڪتا" نهايت ڪمائتا ثابت ٿيا آهن. هو رڍن جي هر نموني سنڀال ڪن ٿا ۽ جيڪڏهن ڪا رڍ نڪري ويندي آهي، ته ان کي هو اهڙيءَ ته هوشياريءَ سان ڳولي ايندا آهن، جو سندن سمجهه تي حيرت لڳي ويندي آهي.

"سينٽ برنارڊ ڪتا" وڏا ۽ نهايت سهڻا آهن. سندن اکيون ۽ منهن ڏاڍا دلڪش ٿين ٿا. الپس جبلن ۾ يا آتي آسپاس رهندڙ پادري ئي گهڻو ڪري کين پاليندا آهن. انهن جبلن جي چوٽين تي عام طرح يورپ جا ماڻهو برف جي نظاري ڏسڻ يا

برف مٿان ترڪڻ ۽ رانديون ڪرڻ ويندا آهن. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي اتي ڪو زخم پهچي وڃي يا ڪو اتي مرڳوئي گم ٿي وڃي، ته اهڙي ماڻهوءَ جي ڳولا ۽ واهر ڪرڻ لاءِ هنن ڪتن کي ڪم آندو ويندو آهي. ڪجهه سال اڳ هڪ اهڙو ڪتو جڏهن مئو هو، تڏهن سندس ڳچيءَ ۾ انعام طور هڪ تمغو وڌو ويو هو، چاڪاڻ ته هن پنهنجيءَ عمر ۾ ٢٢ انسانن جي حياتي بچائي هئي.

"بل ڊاگ"، جو پڻ هڪ ڪتي جو قسم آهي، تنهن جون ڏاڙون نهايت ٿلهيون، ڊگهيون ۽ مضبوط ٿينديون آهن. هو محنت ۽ اورچائيءَ ڪان مشهور آهي. آڳاٽي زماني ۾ جڏهن انسان لوڙها ۽ وٽاڻ ايجاد نه ڪيا هئا، تڏهن هن لاءِ پنهنجي نيم جهنگلي چوپائي مال کي ضابطي ۾ رکڻ هڪ نهايت مشڪل مسئلو هو. ان مشڪلات کي منهن ڏيڻ لاءِ شايد هُنن هِن مضبوط جسم ۽ طاقتور ڏاڙن واري، بي خوف ۽ هٺيلي طبع ڪتي جي قسم کي زياده پسند ڪيو، ۽ ائين هٺراڌو چونڊ رستي "بل ڊاگ" جهڙيءَ ذات وارو ڪتو وجود ۾ آيو. اڄ به جڏهن ڪو "بل ڊاگ" ڪنهن چوپائي مال سان ويڙهه ڪائيندو آهي، تڏهن هو هڪدم ان جي اڳيان وڃي، ان جي نڪ ۾ چڪ وجهندو آهي، ۽ اهڙيءَ طرح هو ان کي هيٺ دسڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. برخلاف ان جي "ڪولي ڪتو" مال جي هميشه پٺ وٺندو آهي، ۽ ان کي اڳتي هڪلڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

"پيري" يا "ڳولو" ڪتا ايترا آڳاٽا نه آهن. هو انڪل ١٥٠ يا ٢٠٠ ورهيه اڳ وجود ۾ آيل ٿا ڏسجن. جهنگلي ڪتو جڏهن به ڪنهن شيءِ تي حملو ڪرڻ گهرندو آهي، ته ان کي ڏسڻ سان ئي ان تي وار نه ڪندو آهي، پر ٿورو وقت ترسي، پوءِ ائين ڪندو آهي. جيڪڏهن هو اوچتو ئي اوچتو ڪنهن

## ٧- مال [ ڳائُون ۽ ماھيو ]



آفريڪي بفلو [مينھن]

اھي جانور، جن کي عام طرح "ڍور" يا "مال" چيو وڃي ٿو، تن جون چار مکيه جھنگلي ذاتيون اڄ دنيا ۾ موجود آھن، ۽ منجھانئن ھرھڪ، جداجدا، اتر آمريڪا، يورپ، ڏکڻ آفريڪا ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ رھي ٿي. مال جون سڀ ذاتيون "باس" (Bos) جنس جي جانور مان پيدا ٿيل آھن.

آمريڪي جھنگلي مال کي "بفلو" (مينھن) يا "بيزان" چيو ويندو ھو. انھن جا ڌڻ جا ڌڻ اتي "مسين" نديءَ ۽ راڪي جبلن جي وچ وارن ميدانن ۾ رھندا ھئا پر ھاڻي اتان ختم ٿي چڪا آھن، ۽ سندن نسل جا جانور يا تہ فقط اتي گھريلو حالت ۾ يا جانورن جي نمائشي باغيچن ۾ ڏسي سگھجن ٿا.

يورپي "بيزان" بہ اڄ صفحي ھستيءَ تان سڀجي چڪا آھن. اھي اڄ ايڪڙ ٻيڪڙ فقط روس جي نمائشي باغيچن ۾ قيد آھن.

مال جي ايشيائي ذات کي برصغير ھندستان-پاڪستان ۾ گھڻي وقت کان وٺي پاليو ويو آھي. جھنگلي حالت ۾ ھن ذات جا

ويجهڻ لاءِ آئي ڇڏي ڏنو هئي ته هو اتي جي ماڻهن کي برف مٿان بار گاڏين ڇڪڻ ۾ مدد ڪري سگهن. وڏو هرڻ برف تي هلندڙ بنا ڦيٿن گاڏيءَ ۾ جيڪڏهن ٻڌجي، ته ڏهه ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان سڄي ڏينهن ۾ هڪ سؤ ميل ڪري سگهي ٿو.

## ١١- اُٺ



– اُٺ جو ڪرنگهو مڏو آهي –

اُٺ بيابان جو هڪ جانور آهي. هو اتر آفريڪا ۽ وچ ايشيا جي وڏن بيابانن ۾ رهي ٿو. هو جهنگلي حالت ۾ اڄ ڪونه ٿو لڀي سگهي. آفريڪا ۽ ايشيا جي بيابانن ۾ بار ڍوئڻ ۽ سواريءَ لاءِ اُٺ ئي هڪ مکيه وسيلو آهي.

اُٺ جا مکيه ٻه قسم ٿين ٿا. هڪ ٿوهي وارو يا عربستاني اُٺ ۽ ٻيو ٻن ٿوهن وارو اُٺ. هڪ ٿوهي وارو اُٺ اصل اتر آفريڪا ۽ عربستان جو رهاڪو آهي. هندستان – پاڪستان جي ڪن ڪن ڀاڱن ۾ اُٺ جو هيءُ قسم، جيڪو ملي ٿو، سو به اصل شايد عربستان مان ئي آيل آهي. ٻن ٿوهن وارو اُٺ ايشيا جو رهاڪو آهي. ۽ ڪاري سمنڊ جي ڪناري کان وٺي سائبيريا، تبيٽ ۽ چين ۾ عام لڀي ٿو. حقيقت ڪري اُٺ جا ٻه ايترائي قسم آهن، جيترا گهوڙي جا. انهن مان ڪي بيابانن جي سخت گرم واريءَ تي ۽ ڪي وري سائبيريا جي ٿڌي برف واري ملڪ تي هريل آهن. اُٺن جو هڪ قسم

هن قسم جي فقط نر هاٿيءَ کي ڏند ٿيندا آهن.

هاٿيءَ جو قدر هميشه بادشاهن ۽ راجائن وٽ رهيو آهي. هنن جي خيال ۾ هاٿيءَ جهڙي وڏي ۽ حشمت واري جانور تي سواري ڪرڻ سان سندن قدر ۽ قيمت وڏي ٿي ۽ سندن حشمت ۽ دٻدٻو عام ماڻهن جي مٿان زياده نمايان ٿئي ٿو.

[جڏهن به ڪن شخصن يا طبقن کي عام ماڻهن مٿان سماجي برتريءَ ۽ حاڪميت جو موقعو مليو آهي، تڏهن هنن پنهنجي اُن برتريءَ ۽ حاڪميت کي قائم رکڻ لاءِ پنهنجن محڪومن کي ڪنهن نه ڪنهن نموني حيرت ۾ محو رکڻ يا



—هاٿي بند کڻي رهيو آهي—

دٻ ۾ بي حس ڪري ڇڏڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

[اڪثر حالتن ۾، سندن اُن برتر حيثيت جو ڪنهن لياقت ۽ اهليت تي مدار نه رهي، پر ڪين آها حيثيت يا ورثي ۾ مليل آهي يا ڏنگيءَ ۽ زور سان هٿ آيل آهي. هو پنهنجن

سواري ڪرڻ وارن جا پويان ڏينهن آهن، تيئن خود هاٿي به صفحي هستيءَ تان مٽجڻ وارو آهي. گهريلو هاٿي اتفاق سان ڪو ڦر ٿو ڄڻي - جهنگلي هاٿڻ به سڄيءَ ڄمار ۾ فقط هڪ ڦر ڄڻي سگهي ٿي. تنهن ڪان سواءِ، هاٿيءَ جي ڏندن ۽ هڏن جو اڄ به دنيا ۾ ايترو ته ڪاڊو آهي، جو هرسال سوين هاٿي ماريا وڃن ٿا. اِهي سڀ ڳالهيون ٻڌائين ٿيون ته هاٿيءَ جو دنيا تان غائب ٿي وڃڻ اهڙوئي يقيني آهي، جهڙو هن ڪان اڳ غائب ٿي ويل ڪيترن ئي ٻين هزارن قسمن جي جانورن جو.

هاٿي برصغير هند-پاڪ ۾ ڪاٺ جا وڏا وڏا بنڊ کڻڻ لاءِ ڪم ٿو اچي. هن جي سونڊ اهڙي ته ٺهيل آهي، جو هو ان سان جتي ڳرا بنڊ مٿي ڪري سگهي ٿو، اتي هڪ ننڍي ۾ ننڍي ڏاچني به زمين تان کڻي ٿو سگهي.

هاٿي تمام ٿورين حالتن ۾ زمين تي ويهندو يا ليٽندو آهي. هو ننڊ به بيٺي ئي بيٺي ڪندو آهي. اهڙا مثال بـه موجود آهن، جو هاٿي ساهه نڪرڻ کان پوءِ به پنهنجن چئن پيرن تي گهڻي عرصي تائين ائين ئي بيٺو رهيو ۽ ڪنهن کي ڪل ڪانه پيئي ته ڪو مري ويو آهي!

ڪو به جانور گهريلو بنائڻ ۾ ايترو سولو نه آهي، جيترو هاٿي. ڪتي کي پالڻ ۾ ماڻهوءَ کي هزارين سال لڳي چڪا آهن. پر جهنگلي هاٿيءَ کي جهنگ مان هٿ ڪري، ٿوري وقت لاءِ بک ڏيئي ۽ ٿڪائي، ڇهن مهينن اندر هڪ فرمانبردار ۽ پيار ڏانهن مائل خادم بنائي سگهجي ٿو. هاٿيءَ جي سمجهه ۽ حافظي جي طاقت نهايت تيز ٿئي ٿي. هن ۾ بدلي وٺڻ جو مادو به گهڻو موجود آهي.

قديم زماني ۾ سواءِ آسٽريليا جي هاٿي سڀني کنڊن ۾ ملندا هئا. يورپي هاٿيءَ کي، جو اڄ ناپيد آهي، ”مامَٿ“ جي نالي سان سڏيندا هئا، ۽ اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا ۾ رهندڙ

هاٿيءَ کي "مستدان" سڏيو ويندو هو، جو پڻ اڄ صفحي هستيءَ تان مٽجي چڪو آهي. جنهن وقت نوع انسان وجود ۾ آيو، تنهن وقت کان ٿورو اڳ يا پوءِ هي هيبتناڪ جانور، يعني "ماسٽ" ۽ "مستدان"، آنهن ٻنهي سرزمينن مان نابود ٿي ويا.

ڀهريان ڀهريان هاٿي، جن جي وجود جو پتو لڳايو ويو آهي، آنهن جا نشان پٿر جي دور کان ٻہ اڳ جي دور ۾ مصر ۾ لڌا ويا آهن. انهن کي سونڊ نہ هوندي هئي. رڳو ٻاهر نڪتل هڪ نڪ هوندو هون. هنن جا ڏند رڇ جي ڏندن جيترا ننڍا هوندا هئا. هو قد بت ۾ ٽٽون گهوڙن جيڏا ٿيندا هئا.

## ١٣- پاليل پکي

ڪڪڙ شروع ۾ برصغير هندستان ۾ پاليو ويو هو. هو جهنگلي ڪڪڙ جي نسل مان آهي، جو اڄ بہ برصغير ۾ ڪٿي ڪٿي جهنگلي حالت ۾ ملي ٿو.

جهنگلي ڪڪڙ ڳِوڙهي ڳاڙهي رنگ جو آهي. هو



- جهنگلي ڪڪڙ (نر) -

ڍنڊن تي اڏامندا، شڪار ڪندا ۽ شڪار ٿيندا ڏٺا ويا آهن.]

## ١٤- ڍاليل جيت

جيتن جون ڪل پنجن لکن کان وڌيڪ ذاتيون معلوم ڪيون ويون آهن. جيت دنيا جي حيوانات جو هڪ اهم جزو آهن. هنن سڀني ذاتين مان فقط ٽي يـــا چار ذاتيون اڄڪلهه پاليون وڃن ٿيون. ان جو خاص سبب هيءُ آهي ته جيت نهايت ضعيف جانور آهن، ۽ هو انسان کي ڪنهن وڏي ڪم ۾، مثلاً بار کڻڻ يا سواريءَ جي ڪم ۾، نٿا اچي سگهن، ۽ نڪي وري ايترا سوادي آهن، جو کين کاڌي لاءِ پالي سگهجي.

ماکيءَ جي مک شايد پهريون ئي جيت آهي، جنهن کي انسان اوائل ۾ پالڻ شروع ڪيو. ان جو اصل وطن ايشيا آهي، ۽ تمام ٿورو وقت ٿئي، جو کيس آمريڪا نيو ويو آهي. هن وقت آمريڪا ۾ جيڪي جهنگلي ماکيءَ جون مکيون ڏسجن ٿيون، سي به اصل ۾ پاليل هيون، جن پوءِ ڀڄي وڃي، جهنگلي حالت اختيار ڪئي آهي. اڄ دنيا جي هر حصي ۾ جتي گل گهڻا آهن ۽ سال جو چڱو عرصو ٽڙيل رهن ٿا، اتي ماکيءَ جون مکيون ملي سگهن ٿيون.

ماکيءَ جي مک جو کاڌو "ماني" ۽ ماکي آهي. ماکي گلن جي رس مان ٺهي ٿي، ۽ ماکيءَ جي مک، جا گلن جو هڪٻئي سان ميلاپ ڪرائي، تسمين تسمين گل پيدا ڪرائي ٿي، تنهن کي اها گلن جي رس گويا معاوضي طور وصول ٿي ٿئي. هوءَ گلن جي رس کي چوسي، پنهنجي گجيءَ ۾ گڏ ٿي ڪري، ۽ پنهنجي ماناري جي گهرڙن ۾ وڃي، ان کي اوڳاري ٿي.

گلن تي جيڪا بور ٿيندي آهي، سا ماکيءَ جي مک جي "ماني" آهي. گلن تي ويهڻ سان پنهنجن پوين ڄنگهن جي وارن جون ڳوٿريون آن بور سان ڀري، هوءَ پنهنجي گهر ويندي آهي.

ائين فقط هن ڪري آهي، جو جيوت جي اوسر ۾ انسان جهڙو جانور پهرين پهرين ايشيا کنڊ ۾ ئي وجود ۾ آيو. يا هيئن کڻي چئجي تہ ايشيا کنڊ مان ئي انسان سڀ کان اول جهنگلي حالت مان نڪري، ترقيءَ جي ايتريءَ منزل تائين پهتو جو هُن حياتيءَ جي ڪٺن جدوجهد ۾ پنهنجي مدد يا فائدي لاءِ جانورن کي پالڻ شروع ڪيو.

اڄ انسان سان سندس روزمره جي زندگيءَ ۾ اٽڪل هڪ سؤ يا ڪجهہ اِن کان بہ وڌيڪ جانورن جون ذاتيون شامل آهن، ۽ سندس حياتيءَ جو سارو دارومدار ٻوٽن، وڻن ۽ فصلن جي اٽڪل هڪ هزار ذاتين تي آهي.

حيواني ۽ نباتاتي هي سڀيئي ذاتيون، جن کان سواءِ انسان پنهنجي موجوده تهذيب ۽ تمدن کي هڪ منٽ لاءِ بہ قائم رکي نٿو سگهي، ۽ جن کان سواءِ هو اڄ بہ هڪ جهنگلي ۽ وحشي جانورن جهڙي زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي پوندو، سي سڀيئي جاندار شيون آهن. اِهي انسانن وانگر ئي کائين ٿيون، پيئن ٿيون، ساهہ کڻن ٿيون؛ انهن کي ڏک ۽ سک جو بہ ايتروئي احساس ٿئي ٿو؛ هنن کي پنهنجن پنهنجن ٻچن لاءِ ايترو ئي پيار ۽ محبت آهي. هنن کي سندن قدرتي ماحول مان ڪڍي، اهڙي مصنوعي ماحول ۾ رهڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو آهي، جتي ڪن حالتن ۾ انهن لاءِ رهڻ نهايت ڏکيو ٿي ٿو پوي. جڏهن انسان هي محسوس ڪندو تہ هيءَ سڄي حيواني دنيا سندس ئي همذات آهي ۽ ٻنهي جو اصل نسل نيٺ تہ هڪڙوئي آهي، تڏهن هو گهريلو توڙي جهنگلي جانورن سان اڄ کان زيادہ سهڻو سلوڪ ڪندو. ڊارون جو چوڻ آهي تہ ”هيٺينءَ سطح جي جانورن سان همدردي رکڻ انسان جي طبع جي هڪ نهايت عظيم الشان ۽ اوچي وصف آهي.“

---

# باب ٻيو

## پاليل جانورن ۽ وحشي جيوت جا نشان

### ا- زندگيءَ جي ڪشمڪش

سڀئي جانور پنهنجي پنهنجي ماحول تي پوريءَ طرح هريل ۽ نهيل آهن. هو جن حالتن هيٺ گذارين ٿا، سندن جسماني ڊول ۽ بناوت لازمي طرح انهن حالتن جي عين مطابق آهي. سندن رنگ، قد بت، ڪاڏو ۽ هلت چلت هر حالت ۾ سندن آسپاس جي طبعي حالتن پٽاندر آهن. ائين پيو معلوم ٿئي، ڄڻ ڪنهن هوشيار ڪاريگر جانورن جي سڀني ذاتين ۽ قسمن کي گهڙي ناهي، پنهنجي پنهنجي نهڪندڙ ماحول ۾ آڻي ڇڏيو آهي.

اڳئين زماني ۾ ائين پڻ مڃيو ويندو هو ته سڀئي جانور شروع ۾ ئي جهڙا هينئر آهن، تهڙا ناهيا ويا هئا، ۽ شروع کان وٺي هميشه ساڳيءَ حالت ۾ رهندا پيا اچن - گويا منجهن اصل کان وٺي اڄ ڏينهن تائين، ڪابه ڦير گهير ڪانه آئي آهي. پر حقيقت ڪري ائين نه آهي. جانورن ۽ سندن ماحول جي وچ ۾ هيءُ جيڪو گهرو رشتو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، سو فقط **زندگيءَ جي ڪشمڪش** جو نتيجو آهي. زندگيءَ جي ڪشمڪش ۾ فقط اهي جانور جيئرا رهي سگهن ٿا، جن ۾ جيئري رهڻ جي صلاحيت موجود آهي. هن ڪشمڪش ۾ اڪثر جانور نابود ٿي وڃن ٿا ۽ فقط ڪي ٿورا ٿا وڃي بچن. اهي ٿورا اِن ڪري بچن ٿا، جو منجهن پنهنجي پنهنجي **ماحول مطابق رهڻ جي صلاحيت** موجود آهي. لکها سالن کان وٺي، ”حياتيءَ جي ارتقا“

يا جيوت جي اوسر ۾ هي ”بقاي اصلح“ يعني جيڪو لائق هوندو سو بچندو وارو اصول هميشه عمل ۾ رهيو آهي. ان جو ئي اڄ اهو نتيجو ڏسجي ٿو، جو موجوده هر ذات ۽ هر قسم جي جانور جي قطرت توڙي بدني بناوت هوبهو پنهنجي پنهنجي ماحول يا آسپاس جي طبعي حالتن مطابق بنيل ۽ ٺهيل ڏسڻ ۾ ٿي اچي.



— زندگيءَ لاءِ ڪشمڪش —

دنيا ۾ هروقت ايترا ته جيوَ پيا پيدا ٿين، جو جيترو جلد هو ڄمن ٿا اوترو جلد جيڪڏهن نه مرن، ته سندن رهڻ لاءِ دنيا ۾ نه هوا، نه کاڌو، نه جڳهه ملي سگهي. ليکو ڪيو ويو آهي ته جهرڪين جي هڪ جوڙي ٢٠ سالن جي عرصي ۾ ايترا ته ٻچا پيدا ڪري ٿي، جو جيڪر سڀئي سلامت رهن، ته هوند سندن جيتريءَ ايراضيءَ وارو ملڪ رڳو جهرڪين ۽

ذاتيون موجود آهن، جن مان هرهڪ ڪي پنهنجا پنهنجا نالا ڏنا ويا آهن، ۽ انهن مان هرهڪ جي هلت چلت ۽ عادتن ڪي گهڻيءَ حد تائين جانچيو ۽ پرکيو ويو آهي. تنهن کان سواءِ اٽڪل ۱۰ لک ذاتيون دنيا ۾ شايد پيون به موجود آهن، جن کي اڃا خاص نالا نه ڏنا ويا آهن، ۽ جن متعلق ڪا به تحقيقات اڃا ڪانه ڪئي ويئي آهي. سائنس جو هيءُ به اندازو آهي ته جيتريون جانورن جون ذاتيون اڄ زنده آهن، تن کان ۲۰ کان ۱۰۰ ڀيرا وڌيڪ ذاتيون صفحي هستيءَ تان هن کان اڳ غائب ٿي چڪيون آهن. اڄ جيڪي جبل ۽ ٽڪر اسين ڏسون ٿا، سي هڪ ڀيانڪ قسم جا وڏا قبرستان آهن، جن ۾ گذريل زماني جي فنا ٿيل حيواني دنيا جا ذخيرا دفن ٿيا پيا آهن. هنن ٻنهي حقيقتن مان زمين تي گذري ويل ۽ هلندڙ زندگيءَ جي موتمار ڪشمڪش جي نوعيت ۽ پيماني جو ڪجهه نه ڪجهه اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

## ۲ - زائد عضوا

زندگيءَ جي ڪشمڪش ۾ جانورن جون ڪي ذاتيون ٻين ذاتين کي يا ته بلڪل فنا ڪيو ٿيون ڇڏين، يا انهن کي هڪڙي قسم جي ماحول مان تڙي، ٻاهر ڪڍي، ٻئي قسم جي ماحول ۾ رهڻ تي مجبور ٿيون ڪن. جڏهن جانورن جي هڪ ذات پنهنجي قدرتي ماحول مان تڙجي، ٻئي هڪ اهڙي ماحول ۾ رهڻ تي مجبور ٿي ڪئي وڃي، جو هن لاءِ سوزون نه آهي، تڏهن سندس ڪي عضوا جي اڳئين ماحول ۾ هن لاءِ ضروري ۽ مفيد هئا، سي نئين ماحول ۾ هن لاءِ غير ضروري ۽ نڪما ٿيو پون. ساڳئي وقت ڪيس آن نئين ماحول ۾ رهڻ لاءِ ڪن نون عضون جي ضرورت پوي ٿي، جي وٽس اڳ موجود نه هئا.

جانورن ۾ پاڻ کي زنده رکڻ جي جيڪا صلاحيت موجود آهي، تنهن لاءِ هيءَ ڳالهه امڪان کان ٻاهر نه آهي ته هو پنهنجن ڪن غيرضروري عضون کي تبديل ڪري، پاڻ لاءِ نئين ماحول مطابق ڪن ٻين ضروري عضون بنائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن - تقريباً ائين جيئن اسان جي مائن يا ڀينرن کي ڪڏهن ڪڏهن وڏيءَ قميص مان ڦيرائي ننڍي قميص بنائڻ يا ڪوٽ مان ڦيرائي واسڪوٽ بنائڻ جي ضرورت پيش ايندي آهي. پکين جا پَرَ ڪرڙيءَ جهڙن ٻوڙنڊڙ جانورن جي اڳين ڄنگهن مان ٺهيا آهن. پکين جي ارتقا اهڙن ئي زمين سان لڳي ٻوڙنڊڙ جانورن مان ٿي آهي، ۽ ان تبديل ٿيندي ٿيندي، انهن جانورن جون اڳيون ڄنگهون بدلجي، پکين جي پَرن جي صورت وٺي بيٺيون. پکيءَ جي پَر جي بناوت اڄ به ڪرڙيءَ جي اڳينءَ ڄنگهه جي بناوت سان بلڪل ويجهي مشابهت رکي ٿي. پکيءَ جي پر ۾ هڏن جو جوڙ اهڙوئي آهي، جهڙو ڪرڙيءَ جي اڳينءَ ڄنگهه جو.

جانورن جا اهي عضوا، جي بلڪل نڪما ٿي چڪا هجن ۽ جن جي ضرورت هنن کي بلڪل محسوس نه ٿيندي هجي ۽ جن کي ڪم آڻڻ هنن بلڪل بند ڪري ڇڏيو هجي، تن جو آهستي آهستي سندن جسماني بناوت مان بلڪل غائب ٿيندو وڃڻ هڪ يقيني ڳالهه آهي. اهڙن عضون کي ”خارج عضوا“ يا **زائد عضوا** چيو ويندو آهي. بدن جي اهڙن سست ۽ بيڪار عضون کي خوراڪ جو ملڻ بند ٿي ٿو وڃي، جنهنڪري آهي آهستي آهستي گهٽبا ويندا آهن، تان جو جيڪڏهن سندن سستي ڪافي وقت رهي، ته پوءِ صفا غائب ٿيو ٿا وڃن.

زائد عضون جي اهڙيءَ طرح غائب ٿي وڃڻ جا ڪيئي مثال موجود آهن - نانگن ۽ بلائن جي ٽنگن جو غائب ٿي وڃڻ هڪ اهڙوئي مثال آهي. نانگن جو نسل به ڪرڙيءَ جي ذات

وجن ٿا.

انسان ۽ ٻين جانورن جي بدن ۾ اهڙا سوين زائد عضوا موجود آهن. خاص ڪري مٿين سطح جي سينې جانورن ۾ اهڙا عضوا لڀن ٿا. انسان جي جسم ۾ ڪيئن يا سينو ڪيءَ جهڙو هڪ ضميمو ( Vermiform appendix ) ٿيندو آهي، جو هڪ زائد عضوو آهي، جنهن کي ”اپينڊ سائيٽز“ (زائد آنڊي جي بيماريءَ جي حالت ۾ وڍي ٻاهر ڪڍي ڦٽو ڪبو آهي. هيٺينءَ سطح جي گهڻن جانورن ۾ هي عضوو سندن هاضمي واري سرشتي جو هڪ لازمي ۽ مفيد جزو آهي، جنهن ۾ ڪاڌو داخل ٿئي ٿو ۽ اتي اڳ ئي گڏ ٿيل ڪيمياوي مواد سان ملي، جلد هضم ٿي ٿو وڃي. گويا هيءَ عضوو، جو ماڻهوءَ جي بدني سرشتي ۾ هڪ بلڪل نڪمو عضوو آهي، سو هيٺينءَ سطح جي جانورن لاءِ سندن اوجهريءَ يا آنڊن جهڙو ئي ضروري ۽ ڪمائتو آهي. ڪٺي ۾ هيءَ آنڊي جو ضميمو سندس پيٽ جيڏو وڏو آهي ۽ هن لاءِ هي عضوو وڏيءَ اهميت وارو آهي، ڇاڪاڻ ته اِن ۾ سندس ڪاڌو ايتري قدر ئي هضم ٿئي ٿو، جيترو سندس ٻيءَ اوجهريءَ ۾. پر ماڻهوءَ ۾، شايد هن ڪري جو هو اُبو ٿي ٿو هلي چلي، هيءَ عضوو نهايت نڪمو ٿي چڪو آهي. اُن ۾ ڪاڌو، سواءِ ڪن اتفاقي حالتن جي، ڪڏهن به داخل ڪونه ٿو ٿئي؛ ۽ اهو اهڙو ته ضعيف ۽ بي طاقت آهي، جو منجهس ڪيتريون بيماريون مرجيو پون ٿيون. ڪڏهن نه ڪڏهن انسان جو هيءُ عضوو به، نانگ جي ڄنگهن وانگر يا پکين جي ڪنين تان ننهن وانگر صفا غائب ٿي ويندو.

انسان ۾ زائد عضون جا ٻيا به مثال موجود آهن - جيئن ڪنن جون مشڪون، پيچ ۽ پيچ جون مشڪون، ڏيڍيون ڏند (جنهن کي غلطيءَ کان ’ڏاهپ جو ڏند‘ چيو ويندو آهي) ۽ بدن

نانگ هڪ قسم جي ڪرڙي آهي. عام طرح جيڪي ڪرڙيون گهر ۾ پٽين تي ڊوڙنديون ڏسڻ ۾ اينديون آهن، آهي ۽ سندن همذات جانور جن مان اڄ به گهڻا غائب ٿي چڪا آهن، سي سڀيئي انگريزيءَ ۾ "لزوڊ" جي نالي سان مشهور آهن- [سنڌيءَ ۾ ڪين "ڪيرڙا" ڪٺي ڇئجي ته موزون ٿيند و.]

نانگ انهيءَ ذات جي جانور جي نسل مان آهي. ڄنگهن واري نانگ کي "ڪيرڙو" ۽ ڄنگهن بنا "ڪرڙيءَ" کي نانگ ٿو چيو وڃي. نانگ جو هڪ قسم (Glass Snake) آهي، جنهن کي چمڙيءَ اندران چار ڄنگهون آهن - جيتوڻيڪ هو آنهن ڄنگهن کي استعمال نه ڪندو آهي، ۽ نه ڪي آهي ٻاهران ڏسڻ ۾ ئي اينديون آهن. آن جي زندگيءَ ۾ اهڙا تبديلي ايتري اڃا واقع نه ٿي آهي، جو سندس بدن مان آنهن چئن ڄنگهن جا نشان صفا غائب ٿي ويا هجن.

نانگ کي فقط هڪڙو ڦڦڙ ٿيندو آهي. سندس اصلوڪن ابن ڏاڏن کي ٻه ڦڦڙ هوندا هئا. پر هن وقت سندس بدن ايترو ته سوڙهو آهي، جو آن ۾ ٻئي ڦڦڙ جيتري جاءِ ڪانهي. هو هن وقت ٻنهي ڦڦڙن جو ڪم هڪڙي ڦڦڙ کان وٺي ٿو، جنهنڪري سندس اهو ڦڦڙ وڏي سندس سڄي بدن ۾ ڦهلجي ويو آهي. باقي ٻئي ڦڦڙ جا رڳو سندس بدن ۾ معمولي نشان بيٺا آهن.

گهڻو ڪري سڀني جانورن ۾، ڦڦڙن ۽ ٻڪين وانگر، ٻه ڳيهٽيون آهن، پر پکين کي فقط کاٻي پاسي واري ڳيهڻ ڪم ڏئي ٿي، جنهن ۾ سندن آنا پيدا ٿين ٿا. باقي سندن ساڄي پاسي واري ڳيهڻ خارج ٿي چڪي آهي، ۽ هڪ معمولي نشان جي حالت ۾ وڃي بچي آهي.

انسان ۽ ٻين گهڻن ڪرنگهي وارن جانورن کي گوڏي کان وٺي مٿري تائين ٻه هڏا ٿيندا آهن- هڪڙو "وڏي نـرـي"

ڪي جملي ۾ ڏند آهن، جي سندس منهن مان ٻاهر نڪتل هوندا آهن. پر سندس هڪ ڏند ٦ کان ٨ فوٽن تائين ڊگهو ٿيندو آهي، ۽ کيس دشمنن تي حملي ڪرڻ ۾ يا برف کي ڀڃڻ ۾ ڪم ايندو آهي، ۽ ٻيو ڏند بلڪل خارج ٿي ويل آهي ۽ کيس ڪنهن به ڪم نه اچڻ ڪري فقط سندس منهن کان ٻاهر هڪ ننڍڙيءَ ڏندڙيءَ طور وڃي رهيو آهي. آسٽريليا ۾ هڪ قسم جا ڪٺا ٿيندا آهن، جن کي اوائلي دور ۾ پيٽ هيٺان هڪ قسم جي جهولي ٿيندي هئي، جنهن ۾ هو ضرورت وقت پنهنجا ٻچا لڪائي ڇڏيندا هئا؛ پر هاڻي پنهنجن ٻچن کي هو ڪڏهن به اُن جهوليءَ ۾ پناهه نٿا ڏين، جنهنڪري سندن اها جهولي سوس کائي کائي، پيٽ سان چنبيل هڪ ڇيڙڙي جي حالت ۾ وڃي رهي آهي.

انسان جو ٽيٽيهون ڏند ٿئي ٿو، جنهن کي غلطيءَ کان "ڏاهپ جو ڏند" چيو ٿو وڃي، جو هڪ زائد چيز آهي ۽ آهستي آهستي گم ٿيندو ٿو وڃي. اهو ڪافي عرصي کان پوءِ نڪرندو آهي. ڪيترن ماڻهن کي ته اهو ڏند سڄيءَ عمر ۾ ڪونه ٿو نڪري. گهڻن جانورن ۾، ۽ خود انسانن ۾ به، اک جي اندرينءَ ڪنڊ وٽ اک جي "ٽئين ڇپر" جا نشان ڏسي سگهجن ٿا. پکين، کيچائن ۽ ڪن ٻين جانورن لاءِ هيءُ نهايت نفيس پردي جهڙو "ٽيون ڇپر" اڃ به ڪمائتو آهي، ۽ جڏهن سندن اک جا ٻيا ٻه ڇپر کليا پيا هوندا آهن، تڏهن ضرورت وقت، هو اُن ٽئين ڇپر کي ڇڪي، پنهنجيءَ اک کي ڍڪي ڇڏيندا آهن.

انسان ۽ انسان نما باندرن جو پڇ به هڪڙو خارج يا زائد عضوو آهي، جو فقط هڪ ٻئي سان ڳنڍيل ٽن يا چئن ويڙهين جو ٺهيل ٿو ٿئي. جڏهن کان اڳ سندن اِهو پڇ ٿورو ڊگهو ٿو ٿئي ۽ اُن کي لوڏڻ لاءِ ڪين ضروري مُشڪون پڻ ٿين ٿيون. انسان جي حالت ۾، خاص ڪري جڏهن وقت، ڇمڙيءَ

اندران پيچ جي بناوت بلڪل ٻڌري هوندي آهي. ننڍڙي ٻار جي ٻنيءَ واري ڪنڊي جي پڇڙيءَ وٽ ڏونگريءَ ۾ ٥ ۽ ڏمڇيءَ وٽ ٤ ريڙهيون ٿينديون آهن. مگر وڏي هوندي آهي ويڙهيون ملي، ٻه يڪا هڏا ٿي پونديون آهن. ٻڪيءَ جو موجوده ٻُيچ ٻڻ سندس اڳئين پيچ جي پيٽ ۾ هڪ معمولي نشان طور ٿي وڃي رهيو آهي. قديم زماني جي ٻڪين جا هڏاوان ڍانچا صحيح سلامت يا بگڙيل حالت ۾ ڪٿي ڪٿي جبلن ۾ اندر پوريل لڌا ويا آهن، جن مان معلوم ٿو ٿئي ته ڪين آن اوائلي دور ۾ وڏن ريڙهين وارا ڊگها ڊگها پُڇ ٿيندا هئا.

زائد يا خارج بناوت جا نشان جتي ڪٿي عام جام موجود آهن. حيواني ارتقا ۾ اهڙين ڳالهين جو هئڻ هڪ لازمي ڳالهه آهي؛ ۽ هينن مـــان اسان کي خبر پئجي سگهي ٿي تـه هاڻوڪي وقت تائين زندگيءَ جـي اوســر ڪهڙيون ڪهڙيون منزلون پوريون ڪري چڪي آهي. جيئن ڪو قافلو، رستي ويندي، ڌوڙ ۽ دز اڏائيندو، پنهنجن پيرن جا نشان ڇڏيندو هميشه اڳتي وڌندو ويندو آهي، تيئن حيواني ارتقا ۾ اهي مٿي بيان ڪيل زائد شيون به هڪ قسم جي ڌوڙ يـا دز آهن، هڪ قسم جا نشان آهن، جن کي ڏسڻ، جانچڻ ۽ پرکڻ مان معلوم ڪري سگهجي ٿو ته انسان کي اڄ تائين حيواني زندگيءَ جي ڪهڙن مرحلن مان گذرڻو پيو آهي.

ساڳيءَ طرح آنهن مرحلن مان گذرڻ وقت هُن پاڻ سان انفرادي توڙي اجتماعي حيثيت ۾ ڪيتريون ئي ذهني خصوصيتون پڻ آنديون آهن، جي هن ’لاءِ اڄوڪي وقت ۾ بلڪل خارج ۽ زائد ٿي چڪيون آهن، جن مان هن کي ڪوبه فائدو ڪونهي، جن جي ڪيس ڪابه ضرورت ڪانهي، پر تنهن هوندي به هو آنهن غير ضروري، غير مفيد ۽ باسي خيالن، رسمن ۽ رواجن، سياسي، مذهبي، اقتصادي ۽ پنگتي سرشتن کي ڇڙين وانگر يـا

هڪ سِئل ماڻهوءَ وانگر چِڙيو پيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن عجب وٺي ويندو آهي ته ڇو هرڪا قوم، هرڪا جماعت، هر عقيدي جا پوئلڳ فقط پنهنجي پنهنجي عقيدي ۽ پنهنجي پنهنجي رسم رواج ۽ پنهنجن پنهنجن خيالن کي صحيح سمجهيو ويٺا آهن ۽ ٻين سڀني کي هميشه يا غلط يا بيوقوف تصور ڪندا ٿا رهن! فقط پاڻ کي ۽ پاڻ سان تعلق رکندڙ هر چيز کي صحيح ۽ سچي سمجهڻ جي هٺ-ڌرمي فقط انهن ماڻهن ۾ ٿي سگهي ٿي، جي سمجهن يا مڃين ٿا ته هيءَ دنيا ساري جي ساري جيئن اڄ آهي تيئن ئي اصل ۾ هئي ۽ منجهس شروع کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ڪابه ڦير گهير نه آئي آهي.

جيڪي ماڻهو ائين مڃين ٿا، انهن لاءِ اها اسڪان کان ٻاهر ڳالهه آهي ته هو محسوس ڪن ته جن ڳالهين کي يا جن رسمن رواجن يا جن مذهبي، سياسي ۽ اقتصادي ڳالهين کي هو صحيح سمجهن ٿا، سي ڪڏهن غلط به ٿي سگهن ٿيون. دائمي تبديل واري اٽل قدرتي قانون کان هـو بلڪل غير واقف آهن.

## ٣- زائد جبلتون

انسان ۽ ٻين جانورن جي ذهن ۾ سندن زائد جبلتون بلڪل انهن ئي سببن ڪري رهنديون پيون اچن، جن سببن ڪري سندن زائد عضوا سندن جسم ۾ رهندا ٿا اچن. جاندار شين جي نه رڳو جسماني بناوت بلڪ دماغي حالت، سڀاءُ ۽ هلت چلت پڻ ماحول مطابق آهن. پاڻ کي جيئري رکڻ لاءِ جانورن وٽ نه رڳو گهربل عضوا آهن بلڪ سندن منورتي پڻ اهڙي قسم جـي واقع ٿـي آهي، جـو ڪين اهڙيءَ هلت چلت يـا طرز عمل ڏانهن مائل ٿيڻو ٿو پوي، جا ڪين ڪامياب گذاري لاءِ موزون ۽ مناسب هجي.

۽ ممڪن هوندو تہ ماري ڇڏيندو. اهڙيءَ روش جي هڪ گهيٽي ۾ يا ڇيلي ۾ هرگز توقع رکي ڪين سگهبي.

تنهن جو سبب فقط هيءُ آهي تہ ڪتو هڪ بدليل بگهڙ آهي. سندس ابن ڏاڏن جو گذران ٻڪين، سهن، وڏن ۽ ٻين جانورن تي هوندو هو، جن کي هو شڪار ڪري، پنهنجن تکن ڏندن سان چيري ڦاڙي وجهندا هئا. پر هاڻوڪو ڪتو تہ ڇٽ ۾ ئي ڪائڻ جو عادي ٿي ويو آهي. هو نالي ماتر شڪار هاڻي فقط اِن ڪري ٿو ڪري، جو سندس ابا ڏاڏا شڪاري هئا، ۽ هو پنهنجي اُن شڪار واريءَ جبلت ڪان مجبور آهي. ڪتن جي اها شڪار واري جبلت جيتوڻيڪ اج ڪين ڪوبہ ڪم ڪونہ ٿي ڏئي (سواءِ انهن ڪتن جي، جيڪي خاص طرح شڪار لاءِ پاليا ٿا وڃن)، مگر آها سندن جبلت ڪا منجهانئن بلڪل غائب ٿي ڪانہ ويئي آهي.

”ريڍار ڪتي“ ڪان هاڻي رڍن ۽ ٻڪرين چارڻ جو



— ريڍار ڪتو —

ڪم ورتو وڃي ٿو. هو هاڻي رڍن ۽ ٻڪرين جا ڌڻ ٻهرائي ٿو، ورائي ٿو، ۽ موٽائي واڙن ۾ آڻي بيهاري ٿو.

پر ائين هو هيت هٽ ولندا ڪونہ ٿا رهن. هو گهڻو ڪري سدائين پنهنجيءَ جُوءِ ۾ رهن ٿا. آن جي اندر ۽ ٻاهر جي چاڻ هو پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ ساٿين کان حاصل ڪن ٿا، ۽ اتي هو وڌيڪ بي اونا ۽ سلامت رهن ٿا. پنهنجي ڄاتل سڃاتل جُوءِ کان ٻاهر، اڻ ڏٺل ۽ نئين آسپاس ۾ رولڙو هُنن لاءِ اڪثر هاڃيڪار ثابت ٿئي ٿو. گهر سان ڳانڍاپي جي جبلت يا عادت انهيءَ ڪري هُنن لاءِ بيحد ڪارائتي شيءِ آهي.

ڪتي جا ابا ڏاڏا ٻليءَ جي ابن ڏاڏن کان وڌيڪ رول هئا. ٻلي جيڪا پنهنجي "آسپاس" سان هاڻي وڌيڪ ڳنڍيل رهي ٿي، آن جو هڪڙو سبب اهو آهي. ڪتي جي ماڻهوءَ سان ايڏي وفاداري وري انهيءَ ڪري پيدا ٿي سگهي آهي، جو هو ٻين سڀني پالتو جانورن کان وڌيڪ عرصو ماڻهوءَ جي پالنا هيٺ رهيو آهي، ۽ ٻيو انهيءَ ڪري ٻہ، جو وفاداريءَ ۽ سمجهداريءَ جي خيال کان، ماڻهوءَ سدائين ٻليءَ کان وڌيڪ ڪتي کي پسند پئي ڪيو آهي. ڪتو هميشه ٻين سڀني جانورن کان ماڻهوءَ جو ساٿي رهيو آهي.

## - ماءُ واري جبلت

ماڻهوءَ سميت سڀني جانورن ۾، ٻالڪپڻي جي دور ۾ سڀ کان گهڻو موت واقع ٿئي ٿو. آن وقت جاندار شيون وڌ ۾ وڌ بيوس ۽ نٻل هونديون آهن، ۽ ڳاٽيڻي کان ٻاهر دشمن جيڪي سندن تاڙ ۾ چوڌاري جُوهہ وجهيو ويٺا هوندا آهن، تن کان آن وقت آهي پنهنجو ڪوبہ بچاءُ ڪري نہ سگهنديون آهن. انهيءَ ڪري، مٿينءَ سطح جي گهڻن جانورن مان گهڻين جنسن ۾، خاص ڪري انهن جي مادين ۾، پنهنجن ٻچن جي سنڀال ۽ بچاءَ جو نهايت زور ڀريو آدمو پيدا ٿي سگهيو آهي. جانورن جون آهي جنسون ئي نيٺ بچي ۽ قائم رهي سگهيون

آهن، جن ۾ ٻچن جي بچائڻ جي هيءَ جبلت گهٽي ۾ گهٽي وڌيل ۽ مضبوط رهي آهي. جانورن جي ڪابہ جنس، جيڪا پنهنجن ٻچن کي نٿي بچائي، گهڻو وقت بچي ۽ قائم رهي نٿي سگهي.

گهريلو ڳئون پنهنجي نئين چاول ڦر کي لڪائي رکڻ جو جتن ڪندي آهي. انسانن جي رکيل چراگاهن ۾ اُن جي اهـا ڪوشش بيفائدي آهي، پـر گذوي ويل زماني ۾، جڏهن اُن لاءِ چوڌاري خطرو ئي خطرو هو، جتي سوين بکيا وات سندس هر نئين چاول ڦر کي هڙپ ڪرڻ لاءِ تيار بيٺا هوندا هئا، تڏهن ڳئونءَ جي هيءَ عادت تہ وياڻ مهل هوءَ لڪي، ڪنهن پاسيري هنڌ وڃي ويهندي هئي، اُن لاءِ آڳ-بچاءَ جو هڪ نهايت ڪمائتو اپاءُ هو.

پاليل پکي ساڳئي اِنهيءَ سبب ڪري پنهنجن آنڪيرن کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اُنهن پکين ۾ خاص طرح آهي جيڪي سڀ ڪان پوءِ انساني پالنا ۾ آيا آهن،



— آڙي آنن کي ڍڪي ويٺي —

مثلاً" ڙرڪي ڪڪڙ ۽ ڳيني ڪڪڙ- اُنهن ۾ هيءَ پنهنجي

آهي ۽ ٻچن ڦٽڻ کان پوءِ انهن جي سار سنڀال به پاڻ لهندو آهي.
مڇيءَ جو هڪ قسم آهي (ڪرٽ پڻائين = Stickle back)،
جنهن جي مادي پنهنجن آنن جي وڏي ۾ وڏي دشمن پاڻ آهي.
نر رڳو ان کي انهن لاءِ ڪو چاهه ڪونهي، پر جيڪڏهن
انهن جو پيءُ کيس روڪي پري نه رکي، ته اها هوند سڀ



—ڪرٽ پڻائين مڇيءَ جو نر آنن کي ڪانئس بچائي ٿو—

پنهنجا آنا کائي چٽ ڪري ڇڏي.

مڇين ۾ تمام ٿوريون ذاتيون آهن، جن جي مادين ۾
پنهنجن آنن يا ٻچن لاءِ ڪو چاهه هجي. انهيءَ ڪري جيڪا
ٻارن کي بچائڻ جي حيرتناڪ "ماءُ جي پيار جي جبلت"
انسانن ۽ جانورن جي مٿينءَ سطح جي جنسن ۾ ملي ٿي،
اها مڇين ۾ ڪانه ٿي ملي. ڪن تمام ٿورين حالتن ۾ جتي
مائٽاڻي سنڀال جا منجهن آثار ڏسجن ٿا، اتي اها "پيئيتي جبلت"
جي صورت ۾ ئي ڏسجي ٿي.

جيڪي جانور — پکي ٿوڙي ماڻهو — سڄي عمر جوڙو
جوڙو ٿي رهن ٿا، انهن ۾ مائٽاڻو پيار، ماديءَ توڙي نر ٻنهي

جيوت ۾ هو ڪڏهن به ڪم ڪونه آئيندا. ٻڪرين جي تعليم، ٻين ڪيترن جانورن وانگر، ٻنهي ٻيجا ۽ اڻ وقتائتي تعليم آهي.

## ١٠ - آسماني ٻار

ٻڪريون ۽ رڍون جابلو جانور آهن. آنهن جا ابا ڏاڏا 'آسمان'، ۾



— ٻڪريون اصل جابلو چوٽين جون رهندڙ آهن —

رهندا هئا - يعني دنيا جي انهن اوچن جبلن ۽ جبلن جي انهن چوٽين تي، جتي، ڪين هيٺانهين ميداني علائقي مان سندن بکين خونخوار دشمنن پهچائي، لڪڻ ۽ پناهه وٺڻ تي مجبور ڪيو هو. اسان جون گهريلو ٻڪريون گهڻو ڪري هيٺانهين ميداني علائقن جون رهندڙ آهن. اوهين جيڪڏهن انهن جي هلت چلت جانچيندا، ته ڏسي سگهندا ته هو اڃا به ڪيتريون ڳالهيون ڪنديون رهن ٿيون، جيڪي هو ڪڏهن به هوند

# باب ٻيون

## مٿينءَ سطح جي ماڻهن (قومن) جو حسب نسب

### ا - سبق جو مقصد

سڀيئي سڌريل ماڻهو وحشي ماڻهن جو اولاد آهن. هو سڀ



— ماڻهو ڪڏهن جهنگلي حيوان هو —

وحشين سان وڏي وڏا ٿيا آهن - بلڪل ائين جيئن توهين ۽

وڏي حصي تي هو، ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾، قابض آهن.

انگريز قوم ايتري اڳتي وڌندڙ قوم ٿي سگهي آهي، ان جو هڪڙو سبب هيءُ آهي، جو ان جا ساموندي ابا ڏاڏا انهي قسم جا ماڻهو هئا. سمجهو تہ انگريز قوم زميني 'جانورن' جو اولاد هجي ها - مثال طور ان زماني جي يورپ جي اندرين پاسن جي ڪن سانتيڪن گهرپٽرن ۽ امن پسند ماڻهن جو - تہ ان حالت ۾ چا ٿا سمجهو تہ انگريزن جي تاريخ جيڪا اڄ آهي، ان کان بنهہ ابتڙ تاريخ نہ هجي ها! جهڙيءَ طرح ماڻهو وڏي هوندي گهٽي قدر اهو ئي ٿو بڻجي، جيئن هو ننڍپڻ ۾ هوندو آهي، تيئن اڄ جي بالغ انگريز قوم بہ، ساڳيءَ طرح پنهنجي قومي صغيرپڻي جي حالتن ۽ پاروتي ڪردار جو اسريل ۽ وڏي وڌو ٿيل روپ آهي.

## ۳ - ٻيون نيون قومون

فرينچ قوم گال قبيلن جي نسل مان آهي، جيڪي رومن شهنشاهت جي دور ۾ انهن علائقن ۾ ٽڙيل پکڙيل حالت ۾ رهندا هئا، جن کي اڄ فرانس سڏيون ٿا.

جرمن قوم ٽن جهنگلي قبيلن، يعني گوٿ، وينڊل ۽ سمبري قبيلن جو اولاد آهي، جيڪي وچ يورپ جي علائقي ۾ رهندا هئا، جن رومن شهنشاهت کي ڊاهي پٽ ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو هو.

اطالوي قوم رومن لوڪن منجهان آهي، جيڪي لاطيني ٻولي ڳالهائيندا هئا ۽ اٽليءَ جي اپبيٽ ۽ ٻين ڀرُون - وچ ايراضين ۾، حضرت عيسيٰ مسيح جي وقت ۽ ان کان پوءِ وارن ڏينهن ۾، آباد هوندا هئا.

اڄوڪا يوناني قديم ننڍين ننڍين ۽ ٽڙيل پکڙيل يوناني قبيلن جو اولاد آهن.

خاصيت، هميشه، هڪ اعليٰ خاصيت سمجهي ويئي آهي. آمريڪي 'ڳاڙهو هندستاني' پنهنجي رضا خوشيءَ سان نهايت ايذائيندڙ عذاب سهي ويندو آهي، ۽ دانهن نه ڪندو آهي، رڳو اهو ڏيکارڻ لاءِ ته هو ڪيڏو نه سخت جان ۽ ڏاڍو مڙس آهي.

ننڍي هوندي جن ٻڌراڙيءَ جي پورهيت ماڻهن ۾ آءٌ وهندو دوس، آنهن ۾ ڪيترائي اهڙا خيال عام هوندا هئا، جيڪي بنيادي طرح وحشي لوڪن جا خيال سڏجي سگهيا ٿي. ڏاڍ مڙسيءَ جي آزمائش اسان ڇوڪرن ۾ هيءَ عام هوندي هئي ته ڏيکن نڌهن جي ڇپٽيءَ سان آڱرين جي ڏوڏن تان چمڙيءَ ٽڪر، دانهن ڪرڻ بنان، ڪير ٿــو پٽڻ ڏئي. ۽ جيڪو ڇوڪرو سيني آڱرين جي ڏوڏن تان ائين پوٺيون پٽائي سگهندو هــو، آهو سيني ڇوڪرن جو اڳواڻ يا سورهيو ليکيو ويندو هو. اسان مان هرڪو "هن جي پاسي" هوندو هو.

ماڻهوءَ جي **سماجي فطرت** يا گڏجي رهڻ جـي عادت، هن کي شايد پنهنجي باندرنما ابن ڏاڏن کان ورثي ۾ مليل آهي، جيڪي گهڻو ڪري سدائين الڳ الڳ ولرن يا قبيلن ۾ رهندا هئا. سماجي فطرت. جي معنيٰ آهي، جاندار جيون ۾ هڪٻئي سان گڏجي هلڻ چلڻ، گڏجي رهڻ ڪرڻ ۽ زندگيءَ جي ڪشمڪش ۾ هڪٻئي کي مدد ڪرڻ جو لاڙو. سماجي جانورن ۾ هڪٻئي لاءِ آڪير جو مادو هوندو آهي. هو جڏهن پنهنجي همجنس جانورن کان الڳ ٿيندا آهن، ته ڪجهه بي آرام ٿي پوندا آهن ۽ پاڻ کي اڪيلو ۽ ويڳاڻو محسوس ڪندا آهن.

ماڻهو شروع کان ئي هڪٻئي جا هڏ ڏوکي ٿي رهيا هوندا، ۽ منجهن هڪٻئي لاءِ ضرور ٿورو يا گهڻو همدرديءَ جو جذبو اصل کان موجود رهيو هوندو؛ ڇوته ٻين جانورن وانگر هن پڻ خطري جي وقت هڪٻئي کي خبردار پئي ڪيو

# باب چوٿون

## مٿينءَ سطح جي ماڻهن ۽ وحشي جيوت جا باقي نشان

### ١ - هن سبق جو مقصد

هن سڄي سبق جو مقصد آهي پنهنجين فطرتن بابت ڪجهه سکڻ - يعني جيئن ته اسان جون فطرتون آهن، آهي اسان ڪيئن حاصل ڪيون ۽ ڪٿان حاصل ڪيون.

توهان گهڻو ڪري ٻڌندا پيا آيا آهيو ته انساني فطرت ڪڏهن به بدلجي ڪانه ٿي. آها اڄ به ساڳي آهي، جهڙي هميشه کان رهي آهي، ۽ اها جيئن اڄ آهي، آئينده پڻ سدائين اهڙي رهندي. پر اها ڳالهه صحيح نه آهي. انساني فطرت جيئن اڄ آهي، آها وڌندي، بدلجندي بدلجندي، پنهنجي آن حالت کي پهتي آهي، ۽ آئينده زمانن ۾ به ساڳيءَ طرح وڌندي ۽ بدلجندي رهندي. اها سدائين ائين موجود نه رهي آهي. آها ٿيندي ٿيندي، ٿي آهي - بلڪل ائين جيئن زمين جي اندر ڪوئلا ٿيا آهن يا جيئن دريائن جون واديون ۽ جبل ٿيا آهن.

اسين ڪڏهن ائين سمجهندا هئاسين ته زمين اندر ڪوئلا سدائين ائين ئي هئا جيئن اڄ آهن، پر هاڻي اسان کي معلوم ٿيو آهي ته نه، ائين نه هو. ڪوئلا زمين جي اندر، لڳ ڀڳ سڀ جا سڀ، دنيا جي هڪ خاص دور ۾ ٿيا، جنهن کي ارضيات جي علم ۾ سڏجي ٿي "ڪوئلي ساز" (Carboni-ferous Age) دور ٿو. آن دور کان اڳ، زمين ۾ ڪوئلو ڪونه هو، يا تمام ٿورو هو. اسان کي اهو به معلوم آهي ته ڪوئلو زبون ٿيل نباتاتي مواد منجهان ٿيو آهي، جيڪو جُڳن جا

جهرڪي ۽ ماڻهو جيتوڻيڪ ڪيترين ڳالهين ۾ هڪٻئي کان گهڻو مختلف آهن، پر جيئري رهڻ جي چاهه، ۽ سُور جي بدران سُک پسند ڪرڻ ۾ اهي سڀئي بلڪل ساڳيا آهن.

## ٣ - عادتون

عادت کي ثانوي فطرت يا ٻيو سڀاءُ سڏيو ويو آهي. اُن جو اهو نالو بلڪل صحيح آهي. اسان جي پهرين فطرت آها آهي، جيڪا اسين ڄمڻ مهل پاڻ سان گڏ آڻيون ٿا. آها اُنهن لاڙن تي مشتمل آهي، جيڪي اسان جي اوائلي بدني واڌ يعني ڄمڻ کان اڳ جي بدني واڌ، سان گڏ وڌن ٿا. جبلت اسان جي فطرت جو ڪنهن خاص ڪم ڪرڻ ڏانهن هڪ لاڙو آهي، جيڪو ڄمندي اسان ۾ موجود آهي. عادت اسان جي ڪنهن خاص ڪم ڪرڻ جو نمونو آهي، جيڪو اسين ڄمڻ کان پوءِ پرايون ٿا. اسان جي فطرتي ڪم ڪرڻ جي طريقن کي اسان جون عادتون بدلائي سگهن ٿيون، جيڪي اسين دنيا ۾ اچڻ کان پوءِ پرايون ٿا.

### عادتون ورائي ورائي ڪم ڪرڻ سان ٺهن ٿيون.

جيستائين اسين اهڙيءَ دنيا ۾ رهون، جتي ڪابه ڳالهه دهرائجي نه سگهي، تہ ناممڪن آهي تہ اسين ڪي عادتون پرائي سگهون. جيترو گهڻا ڀيرا اسين ڪا ڳالهه يا ڪو ڪم ڪنداسين، اوترو ان جي وري ڪرڻ جو اسان ۾ لاڙو پيدا ٿيندو. ڪوبہ ڪم اوهان ڪجهہ عرصو ورائي ورائي ڪريو، تہ ترت ئي اهو ڪم ٿري اوهان جي عادت، ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ اوهان جي فطرت جو هڪ محڪم حصو بڻجي ويندو. زندگيءَ ۾ ڪيترائي ڪم آهن، جيڪي ورائي ورائي ڪرڻا پون ٿا - مثلاً هلڻ، لکڻ، ڪائڻ، راند ڪرڻ، ڪم ڪرڻ،

پڻ اسان ۾ گھڻو گھڻو اڳ گذري ويل زماني جي اهڙي جائز انديشي ۽ خوف جو بچيل نشان آهي.



— ”ڏپ“ —

اڄ اسين نانگ، سوٽهيريءَ، ڪرڙيءَ، ڏيڏرءَ، ڪوريئڙي وغيره ڪان اڄايو گھڻو ڏڄون ٿا؛ اهو ڏپ به شايد اسان ۾ زائد باقيات مان آهي. هوندن اسان کي پڪ به آهي ته انهن جيتن ڪان اڄ اسان کي ايترو ڏڄڻ نه گھرجي. نانگن جو هي ڏپ اسان کي شايد ارتقا جي باندرن واري دور ڪان ورثي ۾ مليل آهي. ٻولڙو نانگن ڪان ائين ڏڄندو آهي، ڄڻ آهي هن جو موت آهن. ٻولڙن جي پڃري ۾ نانگ ڇڏي ڏسو! بس ٻولڙا خوف ۾ هڪدم ونجي ويندا. ايتريقدر به ڏٺو ويو آهي ته ٻولڙا نانگن جي آڏو بنهه بيهوش ٿي ڪري پون ٿا! ۽ ان ۾ ڪا عجب جي به ڳالهه ڪانهي. نانگ ٻولڙي جو بدترين دشمن آهي. ٻولڙو نانگ کي ڪجهه ڪري نٿو سگھي. سرطاني گھيرن وارن علائقن جا وڏا نانگ، جيڪي وڻن تي چڙهي وڃن ٿا، ٻولڙن جا جاني

انسان ذات جي زندگيءَ جو ماحول آخرڪار دائمي امن ۽ سلامتيءَ جو ماحول بڻجڻو آهي. جنگ نيٺ ائين ختم ٿي وينديون، جو اها ڪنهن کي ڪڏهن وچار ۾ به ڪانه اينديون. جنگ بابت ماڻهو رڳو تاريخ ۾ پڙهي سگهندا، ۽ بس. جيئن جيئن وقت گذرندو، تيئن تيئن وڙهڻ جي جبلت ماٺي ٿيندي ويندي ۽ ان کي ماڻهو بدناميءَ جي ڳالهه سمجهندا، ۽ ان جي جاءِ تي انسان دوستيءَ ۽ همدرديءَ واريون جبلتون اوترييون ئي وڌنديون ۽ زور وٺنديون رهنديون، ۽ نيٺ اهو وقت ايندو، جڏهن ماڻهو پنهنجا اختلاف فقط عقل ۽ انصاف جي عدالتن ۾ ئي ختم ڪندا ۽ حل ڪندا.

اڄ اسين تهذيب جي ان منزل ڏانهن ويندڙ راهه جي درمياني ڏاڪي تي بيٺل آهيون. اڄ اسان وٽ ڇڙواري امن جون حالتون قائم آهن، پر اسان ۾ وڙهڻ جي جبلت زنده آهي ۽ ان ڪري وقت بوقت شخصن ۽ قومن جي وچ ۾ جهيڙا ۽ جهڳڙا ٿين ٿا ۽ لڙائيون لڳن ٿيون. اڳتي هلي، قومن جي حالت ۾ ائين ئي ٿيندو، جيئن اڄ شخصن جي حالت ۾ ٿئي ٿو. اوائلي ڏينهن ۾ شخص کي پاڻ ۾ وڙهي، پنهنجا اختلاف مٽائڻا پوندا هئا. ان دور ۾ سندن فيصلي ڪرڻ لاءِ وٽن عدالتون ڪين هيون. پر هاڻي پنهنجن اختلافن کي حل ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن ڪي شخص هڪٻئي سان هٿين پنجي وڃن ۽ وڙهڻ شروع ڪري ڏين، ته اها هڪ غير قانوني ڳالهه ٿيندي، ۽ ائين فقط اهڙا ماڻهو پاڻ ۾ وڙهن ٿا، جيڪي ترقيءَ جي موجوده دور کان گهڻو پوئتي پيل آهن، ۽ هرڪو انهن کي غير مهذب سڏي ٿو. اڄ تهذيب جي هيٺينءَ سطح جا سمورا ماڻهو انهن ڳالهين ۾ انصاف جي ڪورٽن جا دليل ۽ غير جانبداريءَ جا فيصلا وڌيڪ بهتر ۽ مفيد سمجهن ٿا. اهو وقت به اچڻ وارو آهي، جڏهن قومن جي حالت ۾ به ائين ٿيندو.

سندس کنهن ڪم جا نہ هئا، تہ انهن کي ڪيس ماري ختم ڪري ڇڏڻو هو تہ جيئن زندگيءَ جي جدوجهد ۾ آهي سندس مقابلي ۾ نہ اچي سگهن.

ماڻهن جا سڌريل اعليٰ نسل اڄ عام طور ڏکڻي سان صلح سانت ۾ رهڻ پسند ڪن ٿا. انهيءَ ڪري ڪين "ماڻهن" جي مارڻ جا موقعا گهٽ ٿا ملن، ۽ منجهانئن ڪيترا



— شڪار - اڳي ۽ هاڻي —

آهي ۽ عمل ۾ اچي سگهي آهي. جڏهن ماڻهو ٻين ماڻهن سان گڏجن ٿا، تڏهن معلوم ٿئين ٿو ته ٻيا ماڻهو پڻ آهڙائي ساڳيا انسان آهن، جهڙا هو پاڻ آهن. انهيءَ طرح هو پاڻ کي ٻين جي جاءِ تي وکي ڏسن ٿا، ۽ آنهن سان آهائي روش وٺن ٿا، جهڙي هو چاهين ٿا ته ٻين کي ساڻن وٺڻ گهرجي.

پر سواءِ ڪن خاص ماڻهن جي، جيڪي فقط ڳولهي لهي سگهجن ٿا، ڪوبه ماڻهو رواجي طرح پنهنجي اخلاقياتي دائري ۾ پنهنجي نوع انسانيءَ کان علاوه ڪنهن ٻئي ساهواري کي شامل ڪونه ٿو ڪري. غير انسان ساهوارا هن لاءِ آئند ۽ ڏاريا آهن. آنهن سان وڙهي سگهجي ٿو، انهن کي ماري، ڪُٽي، کائي سگهجي ٿو. آنهن کي ٻڌي سگهجي ٿو، ۽ رونشي خاطر انهن کي وڍي، ٽڪر ٽڪر ڪري يا آتي جو آتي گولي هڻي ختم ڪري سگهجي ٿو. ”جهنگلي“ جانور - يعني آهي سڀ ٻيا ساهوارا جيڪي ”قبيلي“ سان لاڳاپيل نه آهن، هر طرح جي انساني قياس ۽ نياءَ جي ويچارن ۽ همدردين کان ٻاهر آهن. جيڪو به گوليءَ جي نشان بازي ڪرڻ گهري ٿو، ان لاءِ آهي محض نشانن جو ڪم ڏيئي سگهن ٿا.

قبيلائي جبلت معني ته پنهنجي ڏولي سان ٻيٽ ٿي ٻيڻ ۽ پنهنجيءَ جوءِ يا رهائشي هنڌ کي گهڻو ڪجهه سمجهڻ بلڪ ٻيءَ هر جاءِ يا هنڌ کان مٿي سمجهڻ. هيءَ جانبدرايءَ واري جبلت آهي - جيڪا ماڻهوءَ کي ائين چوڻ تي آماده ڪري ٿي ته ”منهنجو ملڪ! شال آهو سدائين صحيح هجي. پر صحيح يا غلط ، منهنجو ملڪ!“ ”حب الوطني“ يا ”ديش ڀڳتي“، جيئن عامطور آن کي سمجهيو ويندو آهي، قبيلائي جبلت جو ئي اظهار آهي. سچو محب وطن، بهرحال، ائين نه سمجهندو آهي ته سچيءَ دنيا ۾ رڳو سندس ئي ملڪ آهي، يا سندس ملڪ ئي دنيا ۾ بهترين ملڪ آهي؛ هو فقط هيءُ چاهيندو آهي

تہ سندس ملڪ جيئن ھاڻي آھي اُن ڪان اُھو بھتر ٿئي، ۽ ھو اُن کي بھتر بنائڻ لاءِ پوري جدوجھد ڪري ٿو.

مشھور آزاد خيال فيلسوف، ٿامس پين، جو قول آھي تہ ”سڄي دنيا منھنجو وطن آھي.“ اھڙيون ڳالھيون فقط اُھي ماڻھو ڪري سگھن ٿا، جن جون ھمدرديون ايتريون تہ وسيع آھن، جو اُھي ڪنھن بہ ھڪڙي انساني گروھہ تائين محدود نٿيون رھي سگھن. جيڪو ماڻھو قبيلائي جبلت ڪان مٿي چڙھي چڪو آھي، اُھو پاڻ کي رڳو نوع انسانيءَ جي حدن تائين بہ بند ڪونہ ٿو رکي، پر اُھو تہ ھر اُنھيءَ شيءِ کي، جيڪا محسوس ڪري ٿي، پنھنجي برادريءَ ۾ شامل سمجھي ٿو.

ڊوڙائي، جهلي، ڪائي ڇڏڻ لاءِ هردم تيار وهن ٿا. ٻچيون ڏوهه ڪري يا ٽپي هٽي نڪري وينديون آهن، ۽ ڀولڙا وڻن ۾ لڙڪي، هڪڙيءَ ٽاريءَ تان ٻيءَ ٽاريءَ تي ٽپي، ڀڄي ويندا آهن.



— ڳهٽو ڪري انساني رانديون جهڙي جون يا ويڙهه، جون رانديون آهن —

جتي گهٽي قدر ڪم ڪان واندڪائي مايل هوندي.



— سست وحشي —

ڪاهليءَ جي جبات اسان وٽ اوائلي ماڻهوءَ جي طبعت جي رهيل نشاني آهي. وحشي ماڻهو قدرت ۾ سگهارو جانور نه آهي. هن جي بدني مشين تمام ٿوري سگهه پيدا ڪري سگهي ٿي — فقط اوتري، جيتري ڪڏهن شڪار تي ۽ لڙائيءَ



— ٻدلو. —

بهرحال مٿينءَ سطح جي ماڻهن ۾ پراڻي انفرادي بدلي وٺڻ جي عادت جا ڪيترائي زائد باقياتي نشان اڄ به موجود آهن. اڄ به يورپ جي ملڪن ۾ ڪن موقعن تي، ڪٿي ڪٿي، دوبدو به مخالف ترارين سان وڙهي پنهنجي اختلاف جو نبيرو ڪن ٿا يا هڪٻئي سان ٻدلو چڪائين ٿا - [جنهن کي انگريزيءَ ۾ Duel چئجي ٿو]. هي ڊيوئل انهن انتقامي عادتن جي باقيات جو هڪ نشان آهي. خانداني وير (Vendetta) ان جو ٻيو نشان آهي. هيءَ وير ذات جو يا خون جو جهيڙو آهي، جنهن ۾ هڪ ڪٽنب يا خاندان پنهنجي ڪنهن ڀاتيءَ يا ذات ڀائيءَ جي ايذاءَ جو عوض ٻئي ڪنهن ڪٽنب يا خاندان جي ماڻهوءَ سان ڪري ٿو. هيءَ نام نهاد "انصاف" جو نيم وحشي نمونو (يا وير ٻارڻ جو طريقو) اڄ به دنيا جي گهڻن حصن ۾، ٿوري يا گهڻي حد تائين، رائج آهي.

بدلي جي جبلت، جيڪا پنهنجي فطرت ۾ اڃا سين موجود ڏسون ٿا، ۽ جنهن جو مهذب اظهار مٿينءَ سطح جي ماڻهن جي

تہ چاڪاڻ تہ اهي ماڻهو امان ڪان مهانڊي ۽ عادتن جي گهٽي ڪجهہ فرق سبب الڳ آهن، انهيءَ ڪري ڪين پاڻ جهڙو انسان ٻاهُ ڪري سمجهڻ ۾ اسان کي اجا گهڻو وقت لڳندو.



— پـل مانسائيءَ جو جذبو —

”ماڻهن جي دائري کان ٻاهر ٻين جو کهڪاءُ رکڻ – يعني ٻين ساهوارن سان انسانيت جو ورتاءُ ڪرڻ – انساني فطرت جي اها هڪ نئين ۽ تازي ۾ تازي حاصلات معلوم ٿئي ٿي. وحشي ماڻهن کي سواءِ پنهنجي ڪنهن خاص ڏاريل جانور جي، ٻئي ڪنهن جانور لاءِ اهڙو کهڪاءُ نہ ٿيندو آهي. ويجهي پراڻي دور جا رومن لوڪ تہ اهڙي احساس کان بلڪل ئي محروم هئا. ان جي ثابتي اهائي ڪافي آهي، جو سنڌن وندر لاءِ ماڻهن ۽ جانورن جي ويڙهہ جا اکاڙا وٺن هوندا هئا، جن ۾ هو خطرناڪ جانورن کي ڪارائي پياري، وري

